## ( گــل - ۳۵ )



ڪي نرآڪار پرماتما جي اُپاسنا ڪندڙ چوندا آهن ته ساڪار ايشور جي اُپاسنا اجايو ڀرم آهي ۽ سنسار ۾ جن کي سنت ڪوٺيو وڃي ٿو، اسان جهڙائي ساڌارڻ ماڻهو آهن، تنهن ڪري انهن سنتن کي پيرين پوڻ ۽ کين دڪشڻا وغيره جو ڏيڻ گهرجي؟ وري ٻين پنٿن جا پوئلڳ، انهي خيال جا آهن ته پنهنجي ستگوروءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي سنت کي نمڻ ۽ سندس ڀڳتي اصل نه ڪرڻ گهرجي. سائين بابا جي باري ۾ به اول ته ڪيترين ئي عجيب ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون، جي هن وقت گهٽ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. ڪي چون ٿا ته سائين بابا سنت لاءِ دڪشڻا گهري وٺڻ سندس شان وٽان ناهي. ساڌوءَ جو ڌرم ان ۾ ڪٿڙو رهيو؟

(١) ڪاڪا مهاجني جو دوست نراڪار وادي هو ۽ مورتي پوڄا جو ڪٽر ورودي هو، پر هڪ ڀيري چرچي مسخريءَ جي خيال کان، ٻن شرطن تي ڪاڪا سان گڏجي وڃڻ قبول ڪيائين (١) ته مان باباجن کي نمسڪار اصل نه ڪندس (٢) نه کيس ڪا دڪشڻا ڏيندس. ڪاڪا اهي

بـــ شرط قبول ڪيا ۽ ڇنڇر رات جو ٻئي ڄڻا بمبئي مان شرڊيءَ لاءِ روانا ٿيا ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو شرڊيءَ اچي پهتا. جڏهن ٻئي ٻنهي مسجد ۾ پير پاتو تڏهن ڪاڪا جـــي متر ڏانهن نهاري بابا چيو. ”اڙي اچو شريمان جي، پلي آيا. (ڪان پاوين جي)“ آيل متر کي اِهي لفظ جنسي سندس پتا وارا لڳا (ڇو تہ سندس پتا، انهن ئي لفظن ۾ آيلن جو آدرستڪار ڪندو هو) ۽ سندس وات مان نڪري ويو تہ منهنجو پتا ٻولي رهيو آهي. ”ڇٽي، نراڪار واد پلجي، پنهنجو متو وڃي باباجن جي چرنن تي رکيائين!“

باباجن پوءِ وري پيهرن جي آرتيءَ وقت ۽ موڪلائڻ وقت صرف ڪاڪا صاحب کان دکشڻا گهري ۽ نـــ سندس متر کان. ان تي متر ڪن ۾ چيس تہ ”يـــار، باباجن توکان ٻـــ ڀيرا دکشڻا گهري آهي پر مـــان جو توسان گڏ آهيان، مونکان ڇو نٿو گهري. سو ڇو؟“ ڪاڪا جواب ڏنس تہ ”بهتر آهي تہ تون اِهو سوال سڌو باباجن کان پڇ“ان تي بابا پاڻيهي چيو تہ ”ڪن ۾ سس پس ڪهڙي پيا ڪريو؟“

ان تي متر چيو تہ ”مان بہ اوهان کي دکشڻا ڏيان چا؟“ بابا چيو تہ ”تنهنجي نا مرضي ڏسي، مون توکان نہ گهري، پر جي تنهنجي مرضي آهي تہ ڏئي سگهين ٿو.“ اِهو ٻڌي، هن ڪاڪا صاحب جيتري پيٽا (۱۷

ڪيائين، پر متان ڪاڪا کي بابا جي آگيا لاءِ ترسڻو پوي، ان ڪري هيو متر به ساڻ ڪري، ٽيئي ڄڻا روانا ٿيا. واٽ تي ڪاڪا مهاجنيءَ باباجن جي پيئڻ لاءِ به سير "منڪا" ورتا ۽ ٺيڪ سمي تي مسجد ۾ گڏجي ويا. ته بابا صاحب ترڪب به اُتي ڳڏين.

سيٺ ٺڪر هن کان پڇيو ته "تون هتي ڪهڙي سبب ڪري آيو آهين؟" هن جواب ڏنو ته "مان ته صرف درشن ڪرڻ آيو آهيان. مون ڪي ڪرامتن يا چمتڪارن ڏسڻ جي نه اِڇا آهي ۽ نه ڀروجن، جو ته هتي پرهمي پڪتن جون منو ڪامنائون پاڻيهي پوريون ٿينديون آهن. ڪاڪا مهاجنيءَ نمسڪار ڪري باباجن اڳيان "منڪا" پرساد پيش ڪيا، ته بابا سيني ۾ ورهائڻ جي آگيا ڏنس. سيٺ ٺڪر کي به ٿورا "منڪا" پرساد طور مليا.

هاڻي هڪ ته سيٺ کي "منڪا" سٺا ڪين لڳندا هئا ۽ ٻيو ته ڊاڪٽر به ڪيس منڪا جهڙن شين کائڻ جي منع ڪري ڇڏي هئي، ان ڪري اُچي منجهيو. پر ظاهري ڏيکاءُ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي مرضيءَ برخلاف ڪجهه واتَ ۾ وڌائين ۽ ککڙيون يا ٻج ڪڍي پنهنجي کيسي ۾ وڌائين. دل ۾ چيائين ته "جيڪڏهن سائين بابا انترجامي سنت آهي ته مون کي، منڪا کان نفرت هوندي به، منڪا کائڻ لاءِ لاچار ڇو ٿا ڪن؟" من ۾ ان خيال اُٿڻ



تيڻ بعد، باباجن وري ڪيس ٻيا منڪا ڏنا، جي هن هٿ ۾ ڪٺي سوگها ڪيا ته باباجن چيس ته ”اِهي هيئنر ئي وات ۾ وجهه.“

سيٺ آڳيا جو پالن ڪري وات ۾ وجهي چٻاڙيا ته سڀ ٻئا ٻج جي لڳس! باباجن جي اِها انترياميتا ڏسي ۽ پنهنجي شڪ دور ڪرڻ لاءِ پُر وارن ڪان پڇيائين ته ”اوهان ڪي منڪا ٻج واري ملي يا ٻنا ٻج؟“ هنن چيو ته ”اسانکي اڇي داڻي وارا منڪا مليا آهن.“ اِن تي وري وڌيڪ حيران ٿي ويو! پر وري ۾ دل ۾ چيائين ته ”جي بابا سچو سنت آهي ته پيو آندل پرساد اول ڪاڪا ڪي مارڻ گهرجي ۽ پوءِ ٻين کي.“ باباجن سندس اِنـدر پروڙي آڳيا ڏني ته ”هي پيو پرساد اول ڪاڪا مهاجني کي ڏيئي پـوءِ سيني ۾ ورهايو.“

باباجن سان پوءِ پڳت شامل سيٺ نڪر جي واقفيت ڪرائي چيو ته ”هي ڪاڪا مهاجنيءَ جو سيٺ آهي.“ بابا يڪدم چيو ته ”هي اُنڪي سيٺ ڪيسي هو سکتي هين؟ اِنڪي سيٺ تو ٻڙي وچتر هين.“ ڪاڪا باباجن سان شامل راءِ تي، ڪند ذوڻي ها ڪئي ۽ سيٺ نڪر ۽ پنهنجي هٿ چڏي، باباجن کي پرڻام ڪري، واڙي ۾ موٽي آيو.

منجهند جو آرتيءَ ڪان پوءِ جڏهن هو مسجد ۾

موڪلائڻ آيا ۽ شاما سندن لاءِ پرارٿنا ڪئي ته باباجن بوليو:- ”هڪ خشڪ مغز جو مهاشيه هو، جو بلڪل تندرست ۽ ڏنـوان پڻ هو، تنهن هوندي به چنتائن ۾ ٻڏل رهندو هو ۽ چوڌاري رلي پنڪي، پاڻ کي اَشانت ڪندو رهندو هو. سندس اهڙا حالت ڏسي مون کي ديا آئي ۽ چيومانس ته ”ڪرپا ڪري، پنهنجو وشواس هڪ هنڌ قائم ڪر. اجائي ڀٽڪڻ مان تـوکي ڪوبـه لاڀ ڪين ٿيندو. تنهن ڪري جلد ئي اهڙو هنڌ ياد ڪر ته جو توکي هـوءِ پنڌ ٿئي. سوچيندي سوچيندي، آن ۾ پنهنجو ايمان جماءِ.“

اهي لفظ ٻڌي، نکر سيٺ سمجهي ويو ته اشارو مونڏانهن آهي. سندس مرضي هئي ته ڪاڪا مهاجني، ساڻس گڏ موٽي هلي ۽ باباجن اهو سهي ڪري ڪاڪا کي سيٺ سان گڏ جي موٽڻ جي آگيا ڏني. ڪنهن به نٿي سمجهيو ته ڪاڪا کي ايترو جلد وڃڻ جي موڪل ملندي، ليڪن نکر سيٺ کـي اهو وڏيڪ هٿ ئي پرتو مليو.

بابا پـوءِ ڪاڪا کان پندرهن (١٥) روپيا دکشنا گهري ۽ چيو ته ”مان جڏهن به ڪنهن کان هڪ روپيو دکشنا گهرندو آهيان تـه اُن کي ڏهوڻا ڪري موٽائي ڏيندو آهيان. مان. ڪنهن کان ڪا شيءِ مفت ۾ ڪين وٺندو آهيان ۽ نه ئي هر ڪنهن کان گهرنـدو آهيان. منهنجو گرو بـو جنهن ڏانهن اشارو ڪندو آهي، فقط

اُن کان ئي گهرندو آهيان. جيڪو گلريل جنم جو قرضي هوندو آهي اُن جي دکشڻا قبول ڪئي ويندي آهي. دائي دان ڏئي، آئينده لاءِ سنو بچ پوکي ٿو. ڌن، ڌرم جي ڪمن ۾ ئي سڄايو ۽ سڦلو ڪرڻ کپي. ڌن پنهنجي شخصي ضرورتن پنيان خرچ ڪرڻ نسقل ۽ وئرت وڃي ٿو. جيڪڏهن اوهان گلريل جنم ۾ دان نہ ڪيو هوندو تہ هن جنم ۾ اُن جي ڦل پائڻ جي آشا ڪئن ٿا رکو؟ جي اوهين ڌن جي پراپتي ڪرڻ جي آشا رکو ٿا تہ هينئر هن جنم ۾ ئي ڪريو. دکشڻا ڏيڻ سان، اُندر ۾ وئراڳ ورتيءَ جو واڌارو ٿيندو، جنهنڪري اندر ۾ پڪتي ۽ گيان بہ وڌندا. ايڪ ديوي، دس پاوي.

بابا جا بول ٻڌي، نکر سيٺ پنهنجو اڳيون خيال بدلجي، بابا جي اڳيان پندرهن (١٥) روپيا پيٽا رکي ۽ دل ۾ چيو تہ "چڱو، جو شرڌيءَ ۾ آيس. هتي منهنجا شڪ شبها دُور ٿي ويا ۽ سٺي سکيا پراپت ڪيم."

جيتوڻيڪ باباجن سڀ ڪجهہ پاڻ ڪندا هئا تہ بہ نرليپ ۽ نيارا رهندا هئا.

"برهم گياني سدا نرليپ، جيسي جل مهہ ڪمل اليپ."
(گوروائي)

نمسڪار ڪندڙن يا نہ ڪندڙن ۽ دکشڻا ڏيندڙن يا نہ ڏيندڙن سيان ساڳيو ورتاءُ ڪندا هئا ۽ ڪنهن جو بہ نرادر ڪين ڪندا هئا. جيڪي پريمي سندس شيوا

۽ پوڄا ڪندا هئا، تـــ پر سنتا (خوشي) ظاهر ڪين ڪندا هئا ۽ جي ڪو لاپرواهيءَ سان هلت ڪندو هو تہ کين ڪو بہ دک ڪين ٿيندو هو ڇو تہ هو دکـــ سکہ جي حد کان مٿي چڙهي چڪا هئا.

”هرڪ سوڪ جاڪي نهين، ويري ميت سمان۔
کهہ نانڪ سن ري منا، گياني تـــاهہ بکان۔“

گوروائي.

باندرا جو هڪ ڪايست پربھو مهاشيہ، ڪيترن ڏينهن کان ننڊ نہ اچڻ ڪري، حياتيءَ مان بيزار هو ڇو تہ جڏهن ٻي سمهندو هو تہ سندس سرگواسي پتا سپني ۾ اچي کيس تمام بريءَ طرح گاريون ڏيندو هو، جنهنڪري سڄي رات ننڊ حرام ٿي ويندي هئس. اها جنـ سائـــس هر روز ٿيندي هئي، جنهنڪري هو ذري گهٽ پاڳل ٿي پيو هو.

پر هڪ ڏينهن بابا جي هڪ ڀڳت چيس تہ ”مان تہ باباجن جي ڏنل پوتر ڀڀوت کي سڀ کان سٺي ۽ رام بـــاڻ دوا ڪري مڃان ٿو، جا جلد توکي فـــائدو پهچائيندي. مان توکي ڀڀوت جي هڪ پڙي ڏيان ٿو، جا سمهڻ کان اڳي، پيشاني مٿي تي لڳائي ۽ وهاڻي هيٺان رکي ڇڏج تہ سائين بابا سڀ ڀلي ڪندو.“

هن وشواس رکي ائين ڪيو ۽ نتيجو اهـــو نڪتو، جو کيس ڀڪي ننڊ اچي ويئي ۽ ڪو بہ سپنو ڪين ڏٺـــائين. آنند ۽ خوشيءَ وچان سائين بابا جي مورتي

وني، پنهنجي وهاڻي جي پرسان رکي، هر روز اُن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ هر هڪ وسپت (گورؤوار) تي مؤرتيءَ کي هار پائي، پرساد پڻ ارپڻ ڪندو هو. نتيجو اهو ٿيو، جو اڳيون دک صفا پلجي ويو ۽ حياتيءَ مان ڪيس مزو اچڻ لڳو.

**بالاجي پاٽيل نيواسڪر** باباجن جو پرم ڀڳت هو ۽ نشڪام شيوا ڪندو رهندو هو. جنهن رستي کان بابا نڪرندو هو، اهو پرڀاتهه ڪال جو اُٿي، جهاڙو لڳائي، بلڪل صاف ڪري ڇڏيندو هو. ساڳيءَ طرح ڀڳتا راڌ ڪرشڻا ۽ عبداللهه پڻ نشڪام ڀڳت هئا. بالاجي جڏهن پنهنجو فصل ڪاٽيندو هو ته اهو سڀ باباجن کي اچي پيش ڪندو هو. اُن مان جيڪي باباجن ڪيس موٽائي ڏيندو هو، اُن مان پنهنجي ساري ڪٽنب جي پالنا ڪندو هو. ڪيترن سالن جي نشڪام شيوا بعد، جڏهن هن چالاڻو ڪيو ته سندس پٽ به اها ساڳي شيوا پاڻ تي هموار ڪئي.

(٢) هڪ دفعي بالاجي جي جنم ڏينهن تي، ڪن ٻين شخصن کي ڪوٺ ڏيڻي ٺهرايو ويو. پر جيترن ماڻهن جي لاءِ ڀوڄن تيار ڪيو ويو تنهن کان ٽيڻا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. اِهو ڏسي شريمتي بالاجي اچي ششدر ٿي، ته هيترن ماڻهن ۾، تيار ٿيل ڀوڄن ڪئن پورو پوندو! جي ڪٿي پيو ته اسانجي ساري ڪٽنب جي گهٽتائي

تيندي. اِئي سندس سس اچي صلاح ڏنس ته ”چنتا نه ڪر. هرهڪ ٻوڇن جي ديگه ۾ اَڌي ٻيؤ ستت وجهي، مٿان ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏ ۽ بنا ڪپڙي لاهڻ جي، اُن مان مال ڪڍي ورهائيندا وڃو ته پيؤت جو مالڪ سائين بابا، پاڻهي اچي سهاءِ تيندو.“

اُن صلاح موجب، سيني آيلن کي ڍڪيل ديگين مان، مال ڪڍي ڪارائيندا ويا. جڏهن سڀ کائي ويا تڏهن ڏٺائون ته ديگين ۾ اَڃا ڪافي مال پيو آهي! اِهو عجب ڏسي، سيني سائين بابا جي اُستتي ڪئي، جي پاڻ اچي سهاءِ تيو آهي. حقيقت ۾ ايشور ۽ ستگورو، سچي ڀاونا جا ڀاڙا ڏيندا آهن.

”جا ڪي رهي ڀاونا جسي،
پربهه مؤرت ديکي تنه تئسي.“

(راماڻ)

”نکت نه جائي مؤل اُتل ڀنڊاريا،
نانڪ شبد اِپار تن سڀ ڪڇ ساڙيا.“

(گورواڻي)

(۳) ۱۹۴۳ ۾ احمد نگر ضلع جي ڪارجات شهر ۾ پوجا اُتسو ۾ عام لنگر ڪارائڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۾ تيار ڪيل ٻوڇن جي انداز کان پنجوڻا ماڻهو اچي ڪنا تيا. باباجن جي آڳيا سان، ديگيون ڍڪي، مال ڪيندا ويا ته آخر ۾ ورهائيندڙن لاءِ پڻ ڪافي مال بچيو پيو هو!

شرڊيءَ جو هڪ رگهو پاٽيل نيواسي، بالاجي پاٽيل وٽ ويو ته شام جو هڪ نانگ ڦوڪارا هڻندو، گئوشالا ۾ ويندو ڏٺائين! هن يڪدم پيالي ۾ کير وجهي. نانگ جي اڳيان رکي پرارٿنا ڪئي ته ”باباجي، اوهين ڦوڪارا هڻي، اسان ۾ ڀؤ ڇو پيدا ڪري رهيا آهيو؟ اوهين مونکي ڀيه ڀيت ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ڪرپا ڪري هيءُ کير جو پيالو شانتي پورڪ پيئو.“

. ائين چئي ٻي ڏِسا ڏي ويجهو ويهي رهيو. سندس ڪٽنبي سڀ گهبرائجي ويا ۽ پريان بيهي رهيا. ٿوري دير ۾ نانگ غائب ٿي ويو ۽ گئوشالا ۾ گهڙي ڳ. لهڻ بعد بہ ڏسڻ ۾ ڪين آيو. يعني سائين بابا سيني کي نانگ جي روپ ۾ اچي درشن ڏنو ۽ ڀڳت رگهو پاٽيل جو کير پيتو!

(٥) ڏکڻ پارت ڇي ڪوئمبتور ۾ ۱۹۴۳ جي جنوري ۾، وسپت ڏينهن سنڌيا سمي ساڍي ٥ بجي، باباجن سرپ جي روپ ۾ اچي پرگهٽ ٿيا ۽ پيڻ ڪيوتن ٻڌي، کير پيتو ۽ هزارن ماڻهن کي درشن ڏئي، پنهنجي مورتيءَ اڳيان ويهي، پنهنجو فوٽو ڪڍارايو. اِها وارتا پوءِ ”سائين سڌا“ نالي نڪرندڙ پترڪا ۾ ڏني وئي هئي.